1. عيسيٰ ميمڻ
2. ڊاڪٽر بشير احمد چانڊيو

# نيشنلزم جو جديد سنڌي شاعري تي اثر
# (Influence of Nationalism on Modern Sindhi Poetry)

## Abstract:

The foundation of a nation is primarily rooted in defined geographical boundaries. A group lacking such boundaries is akin to a stateless people whose existence remains nebulous and intangible. Beyond geography, a nation requires a common language, shared culture, historical continuity, collective character, and unified political and economic interests. A group of people that embodies these elements can be considered a Nation.

Nationalism is both an ideology and a movement that emphasizes the interests, unity, and loyalty of a specific Nation or Country. It fosters a sense of identity and affiliation with a particular national community, advocating for the preservation and promotion of its cultural, political, and economic dimensions. Often, nationalism generates a sense of superiority or exceptionalism, while simultaneously advocating for the protection of national sovereignty and freedom. Nationalism can inspire poets to write about their homeland, its history, culture, and landscape. Through this, national identity and heritage can be preserved and celebrated. Nationalist poetry fosters a sense of pride and unity among citizens, cultivating a feeling of belonging and patriotism. Historically, the influence of nationalism on poetry has been closely linked with political movements and ideologies. In some instances, poetry has been utilized as a tool for propaganda, promoting nationalist ideologies or supporting political leaders. This can lead to a transformation in poetic expression, potentially compromising artistic integrity and the pursuit of truth.

Overall, the impact of nationalism on poetry is complex and multifaceted. While it may encourage poets to explore and celebrate their national identity, it can also produce negative



consequences in terms of conformity and political polarization. The expression of patriotism is notably present in the works of Shah Abdul Latif Bhittai, who offered prayers for the prosperity of Sindh and the entire world. His poetic compositions, such as Sur Marui and Sur Sarang, stand as unparalleled representations of love for the homeland. From Khalifo Gul Muhammad to Shaikh Ayaz, and from Ayaz to Ayaz Gul, modern Sindhi poets have vividly articulated patriotic sentiments and their affection for Sindh. Nationalism has exerted a significant ideological influence on modern Sindhi poetry.

Following the Partition, Sindhi poetry witnessed multiple phases—traditional poetry, the class-based ideological phase, the nationalist period, the progressive era, and the modern poetic movement. Among these, the nationalist phase was particularly dominant, and its influence remains visible to this day. Modern Poets such as Shaikh Ayaz emerged as prominent symbols of collective consciousness, and their poetry resonated deeply with public and nationalistic emotions. This paper aims to explore and analyze the ideological influence of nationalism on modern Sindhi poetry.

انسان پنهنجي فڪري ارتقا ۾ سماج جي حالتن کي سمجهندو، لقاءَ ڏسندو، انهن جو جائزو وٺندو رهيو آهي، جنهن سبب سماجي حالتن جو مٿس تمام گهرو اثر پيو آهي. هر دور ۾ فطري طور غير معمولي ماڻهن جو جنم ٿيو آهي جن سماجي حالتن جو جائزو وٺندي پنهنجي فڪر جي ذريعي سماج کي بدلائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي.

قومي دانشورن نيشنلزم جي فڪر جا بنياد متعين ڪيا، جنهن مطابق قوم جي بنيادي تشريح ۾ قوم لاءِ جاگرافيءَ جو هئڻ پهريون شرط آهي، جاگرافي نہ هئڻ سبب قوم بي پاڙي ول جيان سمجهي ويندي آهي. زبان جو هئڻ ٻيو شرط هوندو آهي، زبان قومن جي وجود کي پاڻ ۾ ڳنڍيندي آهي. زبان کان پوءِ ثقافت انساني سماج کي جوڙيندي آهي. پر جاگرافي، زبان ۽ ثقافت هوندي بہ جيڪڏهن انهن جو قوم لاءِ اجتماعي ڪردار نہ هوندو ۽ ان جا سياسي توڙي معاشي مفاد گڏيل نہ هوندا تہ ان کي قوم نہ چئي سگهبو. قوم جي ان تشريح مطابق جيڪو بہ نظريو پيش ٿئي ان کي

نيشنلزم چيو وڃي ٿو. نيشنلزم هڪ نظريو به آهي ته هڪ تحريڪ به آهي، جيڪو ڪنهن خاص قوم يا ملڪ جي مفادن، اتحاد ۽ وفاداريءَ تي زور ڏئي ٿو ته ٻئي طرف اهو سڃاڻپ جي احساس کي به اجاگر ڪري ٿو ۽ هي نظريو مخصوص قومي برادري سان تعلق رکي ٿو ۽ ان جي ثقافتي، سياسي، يا اقتصادي پهلوئن کي تحفظ ۽ فروغ ڏيڻ جي اهميت تي زور ڏئي ٿو. نيشنلزم جو نظريو اڪثر ڪري پنهنجي قوم کي اعليٰ يا غير معمولي ٻڌائڻ جو احساس پيدا ڪندو آهي ۽ قومي خودمختاري ۽ آزادي جي حفاظت لاءِ وڪالت به ڪندو آهي. هي نظريو قوم کي احساسِ ڪمتري مان ڪڍي دنيا سان گڏ هلڻ جو درس پڻ ڏيئي ٿو.

محسن جويو لکي ٿو ته :

> اسان کي مڃڻ گهرجي ته نيشنلزم جو مطلب مختلف قوميتن جي ماڻهن خلاف تفريق ناهي، پر سادي نموني ان جو مطلب هيءَ آهي ته ٻين کي اهڙي اجازت نه ڏجي ته اُهي اسان کان اسان جي سياسي سگهه ڦري وٺن. بنهه آخري ڳالهه هيءَ آهي نيشنلزم اسان کي ٻين سان نفرت ڪرڻ لاءِ نه، پر پنهنجي پاڻ سان محبت ڪرڻ لاءِ گهرجي.
> (جويو،2021ع، ص 27)

نيشنلزم دنيا جي مختلف خطن ۾ مختلف شڪلن ۾ اظهار ڪري سگهي ٿو. نيشنلزم اتحاد ۽ فخر جي احساس ۾ مدد ڪري سگهي ٿو ته ٻئي طرف خارجي ۽ داخلي عمل، ٻين قومن سان ٽڪرار، يا عالمي تعاون جي چيلنجز جو سبب به بڻجي سگهي ٿو.نيشنلزم هڪ فڪر جو نالو آهي، جنهن جي بنياد تي بين الاقوامي ادارن ۾ قومي خوداختياري مليل هوندي آهي. جنهن وسيلي ڪا به قوم پنهنجي قسمت جو فيصلو پنهنجي معيشيت جو فيصلو پنهنجي سياست جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جو حق رکي ٿي. بين الاقوامي اصول مطابق جيڪا به قوم مٿيان جزا پاڻ وٽ رکي ٿي اها الڳ ۽ جداگانا وجود رکڻ ۽ آزاد فيصلا ڪرڻ جو حق به رکي ٿي:

> نيشنلزم هڪ نظريو به آهي ۽ هڪ قسم جو رويو به آهي.جديد نيشنلسٽ رويي کي ارڙهين صدي جي پڇاڙي ڌاري واڌ ويجه ملي. نيشنلزم جي نظرئي جي دعويٰ هئي ته هڪ حڪومت کي پاڻ حڪومت ڪرڻ جو حق حاصل آهي. يورپي ملڪن جي سرحدن جي



> ٺهڻ ۾ جيئن ته اهڙن ڪيترن ئي حادثن جو دخل هو جن جو لاڳاپو جاگيردارن ۽ سردارن جي لڙاين سان هو ان ڪري ڪيترين قومن مثال طور جرمني،اٽلي،چيڪو سلواڪيه، آئرلينڊ، سربن ۽ پولينڊ واسين ۾ ڪافي ڳڻتي ڏني ويندي هئي. اڻويهين ۽ ويهين صدي جي انقلابي جوش جذبي ۾ نيشنلزم کي اهم دخل هو. (جوڻيجو2017، ص 17)

اها ڳالهه مڃيل حقيقت آهي ته نيشنلزم انساني سڃاڻپ ۾ اهم ۽ بنيادي ڪردار رهيو آهي. خاص ڪري جيڪي ظلم جو شڪار قومون آهن انهن ۾ نيشنلزم جو سوال انهن لاءِ سڃاڻپ ۽ همت ڪٺي اچي ٿو.ذات پات ۽ گروهن ۾ ورهايل قوم کي قوم جي نالي ۾ متحد ۽ گڏ ٿيڻ ۾ قومپرستي بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿي.

> قوم پرستي سماجي سڃاڻپ جو هڪ نهايت عملي پهلو آهي ۽ هي ته اهو مختلف سماجي فرقن جي سياسي ۽ نظرياتي رخ کي بدلائڻ جي سلسلي ۾ چڱو خاصو ۽ ڪن حالتن ۾ فيصلي ڪن، اثر رکي ٿو.“
> (جوزف،2012ع، ص 100)

هن وقت جڏهن دنيا ۾ ان نظريي جي بنياد تي 206 ملڪ آزاد حيثيت ۾ موجود آهن. دنيا ۾ پهرين ۽ ٻي مهاڀاري جنگ کان پوءِ دنيا ۾ تمام گهڻا ملڪ وجود ۾ آيا. جن کي نيشنلزم جي بنيادي اصولن کي سامهون رکي قبول ڪيو ويو. اڄ اهي ملڪ نيشنلزم جي بنياد تي پنهنجي خودمختياري رکن ٿا. انهن کي پنهنجن سمورن فيصلن جو قانوني ۽ اخلاقي جواز فراهم ٿيل آهي.

**جديد سنڌي شاعريءَ تي نيشنلزم جو اثر:**

نيشنلزم جو نظريو پنهنجي ڪلچر، ٻولي ۽ تاريخ وسيلي قوم ۾ فخر ۽ اتحاد جو جذبو پيدا ڪري ٿو. شاعري قومن ۾ حب الوطني جو جذبو پيدا ڪري ٿي. ڇاڪاڻ ته شاعري انسان جي احساسن ۽ جذبن کي ڇهي ٿي ۽ جڏهن شاعري وطن جي معنيٰ ۽ مقصد لاءِ استعمال ٿئي ٿي ته ڪمزور قومن ۾ به هڪ اتساهه پيدا ٿئي ٿو.مجموعي طور شاعريءَ تي قومپرستي جو اثر پيچيده ۽ گهڻ رخو آهي. اهو شاعرن کي پنهنجي قومي تشخص جي جستجو ڪرڻ ۽ جشن ملهائڻ لاءِ ترغيب ڏئي سگهي ٿو پر ان جا ڪڏهن ڪڏهن منفي نتيجا به نڪرندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن وقت جا حڪمران

پنهنجي سياسي مفادن لاءِ نيشنلزم کي استعمال ڪري ٻين قومن جي ويسلن جي ڦرلٽ بہ ڪندا آهن ان جو سڀ کان وڏو مثال جرمن سان تعلق رکندڙ ايڊولف هٽلر جو آهي جنهن نيشنلزم جي نعري هيٺ ٻين ملڪن ۽ قومن تي حملا ڪيا.

شاعري هڪ اهڙو اعليٰ فن آهي، جيڪو لفظن جي وسيلي اظهارجي ٿو.لفظن جي وسيلي ماڻهن جي ذهن ۾ تصور اڀارڻ اهو ڪلا جو اعليٰ مقام آهي، اهو مقام اچان بہ اعليٰ تڏهن بڻجي ٿو جڏهن اهو قوم جو وسيع ترين آواز بڻجي ٿو. سنڌ ۾ پنهنجي وطن سان محبت جو اظهار، سنڌ جي سموري شاعريءَ ۾ وڏي پيماني ۾ نظر اچي ٿو. جديد سنڌي شاعري ۾ وطن سان محبت جا چٽا عڪس نظر اچن ٿا. شيخ اياز استاد بخاري، شمشير الحيدري، محمد خان مجيدي، سرويچ سجاولي، حليم باغي، ابراهيم منشي، سرڪش سنڌي، اياز گل، ادل سومرو، ارڏو اترادي کان وٺي موجوده دور جي ايوب کوسي ۽ اسحاق سميجي تائين جديد شاعريءَ ۾ قومپرستيءَ جا عڪس پسي سگهجن ٿا. خاص ڪري سنڌي شاعري ۾وطن سان محبت جو گهڻو پاسو ون يونٽ جي تحريڪ، جمهوريت جي بحالي جي تحريڪ کان وٺي سنڌو دريا جي بچاءَ جي تحريڪ تائين ،سنڌي شاعري وطن سان محبت جي ڏس ۾ سرشار نظر اچي ٿي. هتي اسان سنڌي شاعريءَ ۾ ڪجهه شاعرن جو ذڪر ڪنداسين جن جي شاعريءَ ۾ نيشنلزم جو اثر واضح ڏسي سگهجي ٿو.

**شيخ اياز:**

شيخ اياز هڪ انقلابي ۽ باغي شاعر آهي، جنهن پنهنجي شاعري ۾ جديد صنفن سان گڏ ڪلاسيڪي صنفن ۾ وطن سان محبت جا داستان ڳايا آهن ۽ عام ماڻهن ۾ سجاڳي جي هڪ نئين لهر پيدا ڪئي آهي. اها لهر 1960ع کان وٺي 2026ع تائين ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ نظر اچي ٿي. شيخ اياز کي انهيءَ ذات سبب جيل جون سختيون بہ سهڻيون پيون پر هن عام ماڻهن سان توڙي وطن سان محبت جو رشتو ڪڏهن بہ ختم نہ ڪيو جنهن جا هتي ڪجهه مثال پيش ڪجن ٿا:

ڌرتيءَ منهنجي ديس جي، ڪيڏا ڏنا ڪيسَ!
ڪيئي سورهيہ سيسَ، واريا تنهن ويڙهہ تان.
(اياز،1986،ص238)



1947ع کان پوءِ سنڌي ادب ۾ ٻوليءَ جو هڪ اهڙو دور گذريو جنهن ۾ سنڌي شاعري نئين دنيا ۾ داخل ٿي وئي، جنهن جا موضوع، جنهن جي فڪري هيئت مڪمل طور تي تبديل ٿي وئي. هڪ بدليل دنيا جا موضوع سنڌي شاعريءَ جي حصي ۾ داخل ٿيا تہ ٻئي طرف نيشنلزم جا اثر پڻ گهرا ٿيڻ شروع ٿيا. جنهن سان سنڌي شاعري، هڪ الڳ ۽ نئين دنيا ۾ داخل ٿي ويئي. جيڪا عام روايتن کان ٻاهر نڪري آئي. هي اهو دور هو جنهن ۾ قومن جي تشخص جو سوال اڀري آيو. جنهن ڪري قومون پنهنجي وجود جي بقا جي جنگ سان گڏ پنهنجي تشخص لاءِ بحالي ۾ رڌل رهيون.

. شيخ اياز ان زماني ۾ پنهنجي شاعريءَ کي عوامي سجاڳي جو وڏو هٿيار بڻايو جنهن ڪري شيخ اياز ساڳي دور ۾ عوامي سجاڳي جي علامت طور اڀريو. هن جي شاعري عوامي ۽ قومي جذبي سان سرشار هئي.

هيءَ ڌرتي ساڳي ڪنتي آ،
ها، هيءَ اياڳي ڪنتي آ،
هي ان جي ڪُک مان پاپي آ،
هي ڪرڻ اڳي جان پاپي آ،
مان جو توکي گيان ڏيان ٿو
۽ تنهنجو رٿوان ٿيان ٿو
توکي ور ور ٿو ويڙهايان،
توسان پوبون پيرو آهيان،
پورو ٽيڙو آهہ بکيڙو
جنم جنم جو تنهنجو جهيڙو
اٺ! اٺ! ترچا تير اماڻيون،
پوبون موٽُ ڪرڻ جو آڻيون!
ڪو بہ نہ ڪر تون اونو ارجن!
آءُ مران ماريان ٿو ارجن!
ڏنش ڏڪاريو ٿو چو ارجن؟
توکي ڇا ٿيو؟ ڇا ٿيو ارجن؟
(اياز،1986ع، ص 238)

ون يونٽ جو اهو دور هو جنهن ۾ سنڌي شاعرن ۽ اديبن جي ڪلام ۽ تخليقن کي شايع ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ بندش جا قانون جوڙيا ويا. انهن جي سمورين سرگرمين کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. سنڌي ادبي سنگت جيڪا ٻولي جي تحريڪ شروع ڪئي هئي ان کي هرطرح روڪڻ لاءِ حربا استعمال ڪيا ويا. ون يونٽ واري دور ۾ جيڪا ثقافتي ۽ لساني بنيادن تي تحريڪ هلي ان تحريڪ کي روڪڻ لاءِ جتي ٻيا حربا استعمال ڪيا ويا ساڳي وقت ڪيترن ئي سنڌي ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن کي شايع ٿيڻ کان روڪيوويو. سخت سختين ۽ پابندين باوجود بہ سنڌ جي اديبن، شاعرن ۽ تخليقڪارن جي تحريڪ جاري رهي. شيخ اياز انهيءَ تحريڪ جو سرموڙ شاعر بہ هو تہ اڳواڻ بہ هو جنهن پنهنجي ڪلا جي وسيلي تحريڪ ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو هو.هن وطن سان ٿيندڙ انيائن تي ڀرپور لکيو. جنهن ڪري هن جي شاعري سماج جي نمائنده شاعري بڻجي اڀري، هن نوان پيچرا ڏاهيا، سوچ جا زاويا تبديل ڪيا. هن ذهنن کي جنجهوڙيو. شيخ اياز جي اندر جيڪو هڪ حساس انسان ويٺل هو پر ڌرتي جي ڏکن انهن کي ڏسي هي هڪ پهاڙ بڻجي اڀريو. جيڪو پنهنجي وطن جي ماڻهن سان گڏ بيهي رهيو. ديس واسين جي دردن جي مرهم بڻجي اڀريو. ون يونٽ جي دور ۾ وطن، وطن جي ماڻهن ۽ ٻوليءَ سان جيڪي نا انصافين ٿيون شيخ اياز انهن نا انصافين سنڌي قوم تائين پهچائي ۽ وقت جي حڪمرانن خلاف پنهنجي مزاحمت جاري رکي. وقت جي حڪمرانن جي نا انصافين جو سلسلو هو ان تي ڀرپور وار ڪيو. جيڪي ايوانن ۾ ويٺا هئا انهن کي للڪاريو هو.

شيخ اياز لکي ٿو تہ :

مان تنهنجي در تي ڏرٽو هان،
۽ توکان مُورُ نہ ڏرٽو هان،
مان توکي خوب سڃاڻان ٿو
قانون بہ تنهنجو ڄاڻان ٿو
مون سڀ ڪجه جمع ڪرايو آ،
۽ توکان ڪجه نہ ڇپايو آ،
ها، مون وٽ هڪڙي شيءِ آهي،
۽ مون سا جمع ڪئي ناهي،
انگريز ڊنا ها ان شيءِ کان،
۽ تنهنجو آقا انِ شيءِ کان،
ايڏو تہ ڏکي ٿو اي صاحب،
هر وقت بڪي ٿو اي صاحب،
جڻ پنهنجي مالي خوليا ۾،
تون ان کي جمع ڪندين چا ۾،
جا منهنجي سيني ۾ دل آ؟
ماحولَ ڪئي جا بسمل آ،
۽ جنهن ۾ منهنجيءَ ڌرتيءَ جي،
۽ انساني آزاديءَ جي،
ڪا تڙڦ سدائين رهڻي آ،
ها مرندي تائين رهڻي آ!

(اياز،1986ع،ص234)

شيخ اياز وطن ۽ وطن جي ماڻهن جي حقن،جذبن ۽ دردن جي نمائندگي ڪئي. هن نراسائي ۽ مايوسي کي هڪ طاقت ۾ تبديل ڪيو. هن ماڻهن ۾ اهو ويساه پيدا ڪيو تہ پنهنجي حقن لاءِ جيڪڏهن جدوجهد ڪجي تہ اها ڪامياب ٿي سگهي ٿي. هن جيڪي گيت بغاوت جا ڳايا هئا، هن جيڪا پنهنجي ڪلا وسيلي جيڪو مزاحمتي شعور پيدا ڪيو هو، اهو عام ماڻهن تائين جهنگ جي باه وانگر پکڙجي ويو. سنڌي اديبن عام ماڻهن کي زبان ڏيئي ڇڏي هئي. شيخ ايازجي شاعري، عام ماڻهن جي دلين تي اڄ بہ راڄ ڪري رهي آهي.

**استاد بُخاري:**

استاد بخاري سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي پهرينءَ صف جو اعليٰ پائي جو شاعر آهي. استاد بخاري بہ جِتِ انساني محبت جي جذبن ۽ احساسن کي عام فهم ٻولي ڪم آڻيندي پنهنجي منفرد ۽ عوامي اسلوب ۾ اظهاريو آهي، اُت وطن ۽ وطن جي ماڻهن ۾ ويساه رکندڙن کي هن ڌات ڏٽيءَ نہ وساريو آهي. پنهنجي غير معمولي ڌات ۽ صلاحيت سان وطن ۽ وطن واسين جي اهنجن، تڪليفن ۽ ٻين مامرن کي پنهنجي شاعريءَ جو موضوع بڻايو آهي. سندس شاعريءَ ۾ موجود سڄڻ سان گڏ وطن دوستي،

ساٽيهہ جي ڪشش موجود آهي. استاد بخاري پنهنجي وطن ۽ ٻوليءَ جو نمائندو شاعر آهي. هونئن بہ شاعر وطن ۽ ٻوليءَ ماڻهو جي شناخت ۽ سڃاڻپ آهن. ديس جا دک درد بہ شاعر جي ذات سان سلهاڙيل هجن ٿا. استاد بخاري محبتن جو شاعر هوندي بہ محبت ڪي وطن ۽ سماجي مامرن تي ترجيح ڏئي ٿو. سندس اها ترجيح وطن شناسيءَ، ساٽيهہ ۾ ويساهہ ۽ ان جي اهميت جو ڪليل مظهر آهي. هُوءَ وطن تي آيل ڏکين مرحلن جي نزاڪت ڪي محسوس ڪندي اُن لاءِ نہ سوچيندڙن ۽ ٻِي مؤج مستيءَ ۾ مگن ماڻهوءَ سان گڏ محبوب سان بہ مخاطب ٿئي ٿو:

ڪشين چيلهہ ڪٽار، نچين، ٻيلهہ نگار سان
مٿان تيغ ترار، چيڙين راڳ رباب تي!
(بخاري، 1997ع،ص11)

استاد بخاري جي شاعري، وطن ۾ ٿيندڙ ڪلُورن خلاف ڳُوڪ بہ آهي تہ انصاف، امن امان ۽ آجپي لاءِ پُڪار بہ آهي. استاد بخاريءَ جي شاعريءَ ۾ ولولي جي وڌڙ بہ آهي تہ سُجاڳيءَ جي صدا بہ سمايل آهي. ڏيهہ جا ڏولاوا ڏَڏَرڻ ۽ سُجاڳيءَ جو سوجهرو بہ آهي تہ سڏ بہ آهي تہ پڙاڏو بہ آهي تہ سجاڳي ڦهلائڻ لاءِ خود بانگو بہ بڻجي وڃي ٿو:

ٻُري ڏِنم ٻانگ، ڪيتي ڪان ريتي ٻُڏِي
اُٿيو چِنِي چاچرو، ماري چوهہ چلانگ،
سنڌو تنهنجي سانگ، قبر ۾ ڪونُون ڪندس.
(بخاري، 1997ع، ص 58)

ديس سان استاد بخاري جي انسيت بي پناهہ رهي آهي. هو ڌرتي ۽ سرتي ٻنهي جو شاعر آهي. ڪٿي ڪٿي تہ ڌرتيءَ ڪي ئي سرتي ڪوٺيو اٿائين. استاد انهيءَ راءِ جو رهيو آهي تہ وطن جي هجڻ سان ئي ماڻهو جو وجود بہ رهندو آهي. ساٽيهہ سان ئي سرير لڪائبو آهي. هن نہ صرف ڌرتيءَ جو نعرو نہ هنيو آهي پر ان منجهان سندس ديس جو وجود، موجود هجڻ يا دنيا جي نقشي تي قائم هجڻ بہ آهي. جيڪڏهن وطن ناهي تہ ماڻهوءَ جي وجود جي معنيٰ بہ ناهي. انهي احساس سجڻ ۽ ساٽيهہ سان سندس پيار واري ويساهہ ڪي وڌيڪ پختو بڻائي ڇڏيو. اهڙن جذبن جي اپٽار هيئن ڪري ٿو:



ڏينهن جو ڪم آ، رات جو غم آ سنڌو تنهنجو
منهنجو هڪڙو هڪڙو دم آ سنڌو تنهنجو.
(بخاري، 1990ع،ص 26)

استاد بخاري جهڙي ڪل وقتي عوامي ۽ قومي شاعر جي شاعري ۾ پرينءَ جي پچار سمنڊ جيان مؤجزن ۽ ۽ سانوڻيءَ جي سنڌوءَ درياهہ جيان روان دوان آهي. هن وٽ وطن لاءِ پيار بہ اٿاهہ آهي. وطن جي هجڻ سان ئي پنهنجي وجود ۽ هستي جي بقا سمجهي ٿو. پاڻ ڪي ڪجهہ نہ سمجهندي بہ وطن جي بقا سان وطن بڻجي وڃي ٿو.

**خاڪي جويو:**

خاڪي جويي جي سموري شاعري وطن جي مٽيءَ سان واسيل آهي. هن ڪڏهن بہ وطن جي معاملي تي ڪنهن سان سمجهوتو نہ ڪيو. خاڪيءَ، جيڪا شاعري ڪئي آهي ان ۾ ڊگها نظم ۽ سنڌي بيت آهن جڏهن تہ انهن جو موضوع ۽ مفهوم پڻ وطن ۽ وطن سان لاڳاپيل مسئلا، ڏک ۽ اهنج آهن. هن پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي قوم جي ڪيس ڪي چٽو رکيو آهي.

خاڪي وٽ آزاديءَ جو تصور وسيع آهي جنهن ۾ هو ڪٿي بہ مصلحت پسند ناهي بلڪ جوش ۽ جذبو آهي بار بار ظالمن خلاف جنگ ڪرڻ جي ڳالهہ ڪري ٿو. خاڪي جويو جي شاعري قوم ۾ سجاڳي جي علامت رهيو آهي هن پنهنجي شاعري جي وسيلي نہ صرف حڪومت جي ناانصافين تي سخت تنقيد ڪئي آهي پر هن عوام جي ڏکن ڪي بہ پنهنجي شاعريءَ وسيلي اظهاريو آهي.

ذهن تي زنجير هتي،
سنگهرن منجهہ سرير هتي،
"واهيت ڪن وزير" هتي،
چاري چماگير ٿيا!
پاڪستان جو مطلب ڇا؟
"ڦاهيون ڦٽڪا مارشل لا"!
قيد، ڪڙول ۽ ڪوٽ هتي،
گهاٽي گهايا گهوٽ هتي،
ارڏا ۽ اٽموٽ هتي،

عمريون ڏئي انسان ويا !
پاڪستان جو مطلب ڇا ؟
”ڦاهيون ڦٽڪا مارشل لا“!
(جويو2008ع,ص26_27)

بک بدحالي ۽ نااصافين جي ڏيڍ ۾ ڦاٿل معاشري ۾ انسان جون سوچون ۽ خيال ڪهڙي شڪل اختيار ڪن ٿا, ان جو دارومدار ته ان حالتن تي هوندو آهي جيڪي غلاميءَ جي موٽ ۾ جڙن ٿيون پر خاڪي هتي صرف ان سماجي پيڙا متعلق ٻڌائي ٿو.خاڪي جويو جي شاعري ۽ قومي ڪردار ۾ ويساهه ۽ اُميد پرستي نظر اچي ٿي. خاڪي, ڌرتيءَ سان محبت جي ڪري پاڻ خاڪي سڏائيندو هو. هن وطن سان محبت جي ڪري سموريون آسائشون خاڪ ۾ ملائي, نئين انسان جي مٽي ڳوهي هئي. هن ڌرتي جي پنهنجي شاعري وسيلي, نئين تخليق ڪئي هئي. خاڪي جويو, تمام سادي طبيعت ۽ مزاج جو ماڻهو هو پر جڏهن ڌرتي جي ڳاله ٿيندي هئي تڏهن هي پهاڙن کان وڌيڪ بلند ٿي ويندو. هن پنهنجي نظرين تي ڪڏهن به سودي بازي ڪرڻ پسند نه ڪئي هئي. هن پنهنجي شاعريءَ کي پنهنجي قوم سان منسوب ڪري ڇڏيو هو. هن جي شعور, روح توڙي عمل ۾ وطن ۽ وطن سان محبت بکندي هئي. هي سمجهندو هو ته جڏهن به وطن جي ڳاله اچي ته اسان کي سڀ انائون ڦٽو ڪري, وطن سان ٻيهڻ گهرجي.

مظلوم آهيان, مجبور آهيان,
دک دهر جي سان پرپور آهيان.
سوريون سدائين, سينگاريون مون,
سقراط, عيسيٰ منصور آهيان.
هر طلسماتي, مون ڪلڪ ڏاٺي,
مان ميندڙن ۾ مشهور آهيان.
مون کي پڙهي ڏس, مون کي ٻڌي ڇڏ,
محڪوم جو مان, منشور آهيان.
اي سنڌ! جيجل! توساڻ رهندي,
مان ديس واسين کان دور آهيان.
منهنجي حياتي, ڪنهن پي نه ڄاتي,
منهن منهن جو مخفي مذڪور آهيان.
سمجهڻ جي منهنجي, ڪوشش ڪري وٺ,
ساڻيه وارن جو سور آهيان.
”خاڪي“ اسان وٽ اعلان آهن,
هن ديس جو مان دستور آهيان.
(جويو2018ع,ص149)

خاڪي جويي هميشه قومي ۽ مزاحمتي شاعريءَ کي اهميت ڏني. هن ڪڏهن به اهڙي تخليق نه ڪئي جنهن ۾ مصلحت سمايل هجي. هونئن به جيڪو ماڻهو پنهنجي تخليق مصلحتن جي ور چاڙهيندو آهي اهو ڪڏهن به قوم جي نمائندگي ڪري نه سگهندو آهي ۽ قوم به ان تي ڪڏهن اعتبار نه ڪندي آهي. جنهن ڪري خاڪي جويو ڪڏهن به خاموش ٿي نه ويٺو هي سدائين قوم ۽ قوم جي بقا جي جنگ ۾ اڳئين صف ۾ بيٺل نظر آيو. جنهن ڪري هن جي سموري شاعري قوم جي نمائندگي ڪندي نظر اچي ٿي.

**راشد مورائي :**

راشد مورائي, هڪ اهڙو انقلابي ۽ باغي شاعر هو جيڪو سموري ڄمار ان بغاوت ۽ انقلاب جي پرورش ڪندورهيو. راشد مورائي جيڪو پنهنجي ذات جي وسيلي شعور برپا ڪيو آهي, جيڪا تاريخ رقم ڪئي آهي, جيڪا چڻنگ دکائي آهي, جيڪا قومي هلچل پيدا ڪئي آهي, ان ڪري راشد مورائي جو نالو تاريخ جي ڪتابن ۾ لکيو ويندو. هي وطن ۽ ڌرتيءَ جي عشق ۾ سرشار انسان هو. قوم جو فڪر, ان جي خوشحاليءَ جو نظريو,سڄي عمر اهوئي فڪر سندس رت ۾ گردش ڪندو رهيو. هن جي شاعري ۾ ون يونٽ, ٻولي تحريڪ, جمهوريت جي بحالي جي تحريڪ, سنڌو دريا جي بحالي جي تحريڪ يا هارين ۽ مزدورن جي تحريڪ ڇو نه هجي, راشد مورائي هر عوامي تحريڪ ۾ ” مان باغي هان, مان باغي هان“ جهڙا گيت ڇئي عوام ۾ سجاڳي جي لهر پيدا ڪندا رهيو.

سر جو سانگو لاهي، سينو ساهي،وڇ تي ڪاهي پئبو.
جلندڙ جوءِ بچائي ونبي،برندڙ مچ اجهائي ڇڏبو!
ڏاڍُ چوي ٿو: ڏاهن کي اڄ، گهاٽن ۾ پيڙائي ڇڏيو،
هوش چوي ٿو: ڳتٽي ناهي، هيٺن کي همٿائي ڇڏبو.
(مورائي،2010ع،ص185ع)

راشد مورائي، جهڙن انقلابي ۽ باغي شاعرن جي ڪري سنڌي ادب ۾ مزاحمتي پهلو نمايان رهيو آهي، جنهن ڪري سنڌي شاعري انقلابي ۽ باغي تحريڪن کي جلا بخشيندي رهي آهي. راشد مورائي، ڌرتي ۽ وطن سان محبت جي ڪري سنڌ جو اڏول ڪردار سمجهيو ويندو آهي. سنڌو دريا جي ڪپ تي جيڪي ويد لکيا ويا، انهن ويدن جو اثر اڄ به راشد مورائي جي شاعري ۾ پسي سگهجي ٿو. هن جي شاعري توڙي ڪردار ۾ اصولن مان ڌرتيءَ سان ڪمٽمينٽ جي جهلڪ نمايان نظر اچي ٿي. هن جو ايمان، دين ڌرم قوم هئي. پنهنجي قوم ۽ وطن جي ڪري جدوجهد ڪرڻ، قرباني ڏيڻ جو جذبو هن وٽ سدائين رهيو.

راشد مورائي پورهتين ۽ هارين تي جاگيرداري نظام جا اثر، سنڌ مان هندن جي حجرت ڪرڻ، غربت، مفلسي، ڏاڍ، جبر ، محڪوم طبقي جي پيڙا، ون يونٽ جو قيامِ ايم آر ۽ غير سياسي قوتن جي حڪمرانيءَ وغيره راشد مورائي تي تمام گهڻو اثر ڇڏيو آهي. راشد مورائيءَ وٽ قوم لاءِ هڪ درد هو هن درد رکندڙ شخص انهن سماجي، سياسي حالتن جو گهرو مطالعو ڪندي، قومي فڪر ۾ واسيل جيڪا شاعري ڪئي آهي، ان وسيلي سماج جي ڪايا پلٽ ڪري ڇڏي آهي. هن عمر جي آخري حصي ۾ جڏهن باڪوڙيءَ جو واقعو اکين سان ڏٺو هو ته واقعي کي پنهنجي شاعريءَ وسيلي محفوظ ڪندي لکيو آهي ته :

ڪاٺ تبديل ٿيا ڪوئلي ۾ هئا،
هو سڙيا سنڌ جي سلسلي ۾ هئا.
سوڳ ۾ اڄ انهن جي، سڄي سنڌ آ،
جيڪي ماريا ويا، سانگهڙ ضلعي ۾ هئا.
(مورائي،2017ع،ص108)



راشد مورائي، صرف شاعر نه هو پر هڪ تحريڪ هو هن جيڪو ڪجهه شاعري توڙي نثر ۾ لکيو آهي ان جي پنيان ان جو هڪ خاص مقصد رهيو آهي. اهو خاص مقصد قوم ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ رهيو آهي. جيڪا قوم سجاڳ هوندي آهي اهائي پنهنجا حق حاصل ڪري سگهندي آهي ۽ انهن قومن جو وقار ئي بلند رهندو آهي. هن پنهنجي تخليقن وسيلي جدوجهد جو سبق ڏنو آهي. اهو سبق جيڪو سدائين هر نسل جي ذهني آبياري ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندو رهندو.

**سرڪش سنڌي:**

سرڪش سنڌي پنهنجيءَ سڄيءَ ڄمار ۾، سنڌ جي سونهن ۽ آزادگيءَ جا گيت سرجندو رهيو. هو پنهنجي شاعريءَ ذريعي نه رڳو ڌرتيءَ جي اهنجن، عام ماڻهن جي ڏکن ۽ ڏاکڙن جي ڀرپور عڪاسي ڪندو رهيو آهي پر سرڪش سنڌيءَ پنهنجي وطن جي ماڻهن جي هٿن ۾ مزاحمت جي ڇيچ ڏيڻ جي به ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن اهو چئجي ته سرڪش سنڌ جي روايتي سونهن، محبت، انسانيت ۽ جبر خلاف مزاحمت جو شاعر آهي، ته اهو غلط نه هوندو. سرڪش جهڙن ارڏن شاعرن جي اهميت ان ڪري به وڌي ويندي آهي، جو اهي پنهنجي قلم سان مٽيءَ جي محبت جا گيت سرجڻ لڳندا آهن:

جهڳِي اسان جي ککن پنن جي،
نظر انهيءَ تي به دشمنن جي،
لڪي لڪي ويا وڪوڙي ويري،
ککن تي ڪوسي رکي ويا ڪيري،
دکي دکي سا ٻري پئي آ،
زبان رت سان ڀري پئي آ،
امنگ دل جي ڏري پئي آ.
(سنڌي،1993ع،ص 129)

سنڌ جو ارڏو شاعر سرڪش سنڌي دراصل سنڌ جي انهن شاعرن مان آهي، جن جي ذات وطن جي مٽيءَ جي خوشبوءِ سان مهڪيل رهي آهي. جن جون ڪوتائون سونهن کان مزاحمت تائين جو سفر ڪنديون رهيون آهن. سرڪش سنڌيءَ کي سنڌ

کان ڏار ڪرڻ جي ڪوشش ڪهڙا نتيجا ڏيندي! سرڪش ڪي تہ سنڌ جي عشق امر ڪري ڇڏيو آهي ۽ جيڪي امر هوندا آهن:

ڏرتيءَ سان پيارُ پَنهِنجي اِيمانِ ۾ وِڌمُ
قُرآنُ جو ئِي وَرقُ هُو قُرآن ۾ وڌمُ
ڏَئِي سَمورِي ڏَيهہ کِي اَحساسُ اَمُن جُو
اِنسانيتِ جي رُوح اَنسانِ ۾ وڌمُ.
(سنڌي، 1993ع، ص68)

سرڪش تاريخ جي هر دور ۾ سرڪش ئي رهڻو آهي.

**عبدالحڪيم ارشد:**

عبدالحڪيم ارشد کان وٺي اڄ بہ حليم باغي، آسي زميني ۽ ايوب کوسي تائين اهڙا ڪيترا ئي شاعر آهن،جن پنهنجي شاعريءَ جو محور ڌرتي کي بڻايو آهي. عبدالحڪيم ارشد پنهنجي دور جو اهو انقلابي شاعر رهيو آهي، جنهن پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو محبوب جي ذلفن ۾ گذارڻ بجاءِ غريبن جي اٽين وارن ۾ گذارڻ کي ترجيح ڏني هئي:

زندگيءَ جي راهہ تي وڌندا اچو هلندا هلو!
مرڪندا، ڪڏندا ۽ نچندا، جهومندا، کلندا هلو!
هر قدم تي راهہ ۾ ٿا باهہ جا ٽانڊا ٻرن،
باهہ ۾ ڏوڪي پئو، ٽانڊن مٿي ٽلندا هلو!
(ارشد، 1997ع، ص119ع)

عبدالحڪيم ارشد، پنهنجي سمورن آسائشن کي ترڪ ڪري، پنهنجو پاڻ کي ڌرتي جي عشق ۾ فنا ڪري ڇڏيو هو. پنهنجوپاڻ کي وقت جي صليب تي ٽنگي ڇڏيو تہ هن طئي ڪري ڇڏيو هو تہ پنهنجي قلم وسيلي هر صورت ۾ ڌرتي ۽ ڌرتي جي وسيلن جي مالڪي ڪندي، قوم کي ڪنهن بہ صورت ۾ مياري ٿيڻ نہ ڏبو. اهوئي سوچ ، اهوئي فڪر ۽ اها ئي لوچ هن جي تخليق جو اڻوٽ حصو بڻجي وئي هئي. هن پنهنجي شاگردي جي زماني کان پنهنجي اندر ۾ بغاوت جا سلا ڦٽندي محسوس ڪيا هئا جيڪي اڳتي هلي، وڏي وڻ ٿيا هئا. هن محسوس ڪيو هو تہ هن سماج ۾ جيڪو



مون رستو اختيار ڪيو آهي، اهو رستو گلن جي سيج نہ آهي. اهو رستو ڪنڊن جو رستو آهي .ارشد پنهنجي زبان جي ڳالهہ پنهنجي زبان سان ڪندي چيو تہ:

زِبانِ تِي ٽَالا، تَخيلُ تِي پَهرا!
لِکڻ کَان بہ وَياسِين، ڪُڇڻَ کان بہ وِياسِين.
مِليو جَيڪڏهِن پِيِ ڪُو هَمدرد اسان سَان،
پَري کان ئي گُونگا اشارا ڪَياسين.
(ارشد، 1997ع، ص117)

عبدالحڪيم ارشد جي شعر ۾ قديم ۽ جديد فن ۽ فڪر جو حسين ميلاپ آهي. هن جو سياسي ۽ فڪري مطالعو تمام گهڻو ٿيل هو جنهن ڪري، انقلاب کان وٺي رومانس تائين بہ هر موضوع کي هن خوش اسلوبيءَ سان نڀايو آهي. عبدالحڪيم ارشد، کي باغي شاعر ۽ ارڏي شاعر سان گڏ مظلومن جو ترجمان شاعر چوڻ گهرجي. سونهن جو عاشق هو، هن جي شاعريءَ ۾ صرف ڪنهن نوخيز نگاهن جو ذڪر نہ آهي پر هن جي سرتي بہ ڌرتي کان سواءِ ڪا معنيٰ نہ ٿي رکي. جنهن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ سرتي ۽ ڌرتيءِ کي گڏ ڪري پيش ڪري ٿو.

ڌَرتِي، مُنهنجي سَرتِي ! تُوسَان نِينهنُ نِڀائِي وِيندسُ مَان،
تُنهنِجي ڏُک ۽ دَردَ کِي پَنهَنجُو، دَردُ بَنائِي وِيندس مَان..
ٻرندو رهندو مون کان پوءِ پِي، منهنجو هر هڪ رت ڦڙو،
ڌرتي ! تو تي جان ڏئي پِي، جوت جلائي ويندس مان.
(ارشد، 1997ع، ص25)

عبدالحڪيم ارشد، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي جهوليءِ ۾ ”ڏيئا ڏات جا“ ۽ ”آچپي جا گيت“جهڙي شاعري وڌي آهي:

مَان رُوحَ جِي ٻُولي ٻُڌندو هَا،هِي رُوحُ مُخاطبِ ٿِيندو آ،
آوازُ انَدر جُو هُوندو آ، جُو گِيت چَپن تِي اِيندو آ.
اِي ڌَرتي ! تُو وَتِ وَڻجارُو، هَر رُوز نہ مِهمانُ بڻبو آ،
وَرهين کان پُڄاڻان اِيندو آ، مُوتِين کي وِرهائي ويندو آ.
(ارشد، 1997ع، ص28)

ارشد جا شعر پڙهندي، ڪٿي به ۽ ڪڏهن به اوپرائپ جو احساس نه اڀريو آهي. هن لکڻ جي ڪرت کي ڪجه حالتن جي ڪري گهٽائي ڇڏيو هو پر وقت جو ظلم ۽ جبر ڏسي، هڪ دفعو ٻيهر قلم کڻي لکڻ شروع ڪيو هو هن جو قلم جڏهن ٻيهر شروع ٿيو هو ته وري ڪڏهن به بيٺو نه هو. هن ماٺ ڪري ويهڻ کي ڪفر سمجهيو هو. جنهن ڪري جبر خلاف هن جو قلم وقت جي آخري گهڙيءَ تائين جهاد ڪندو رهيو:

ڪارين راتين ٻڙڇي ٻنجي، روح کي ويتر گهائيندين،
ڪو به نه ڏيئو ٻارينده‌جي جوت نه ڪو جرڪائيندو.
قَوم جا شَاعر جَاڻي وَاڻي، ٽُون ڀِي جي چُپ ٿِي وِيندين،
نِينهن جُو نِياپُو دِل وَارن وٽِ، ڪِير ڀِيُو پهچائيندو.
(ارشد،1997،ص36)

عبدالحڪيم ارشد ظلم جي گهاڻي پيڙجندڙ قوم لاءِ شاعريءَ ۾ ”پاپ ننگر“ واري ٽرمنالاجيءَ جو بنياد وڌو، هُن قومي شاعريءَ سان گڏوگڏ رومانوي شاعري ۾ به پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ خاص ڪري سندس بي ساختگي ۽ خودداري واري اظهار ڪيس سنڌ جو مقبول عوامي ۽ قومي شاعر بڻايو آهي.

رات انڌاري، ڪاري ڪاري،منزل منهنجي ڏور اجان،
ڪرندا،ٽڙندا، هلندا هلجو،متان ٿيو دلگير اجان.
تنهنجي هستي ارشد چاهي،جنهن تي ايڏي مستي آ؟
هر ڪو ماڻهو هيرو آهي،سنڌڙي سون ميان.
(ارشد،1997ع،ص38)

ارشد جي شاعري جي خاص ڳالهه سندس اظهار جي سادگي ۽ سچائي آهي، ٻين شاعرن وانگر ڳوڙها، ڳورا ۽ ٻين ٻولين جا پيچيده لفظ استعمال ڪرڻ بدران انتهائي سادي ۽ عوامي ۽ سولي ٻوليءَ ۾ پنهنجي جذبن جو اهڙي طرح اظهار ڪري ٿو جو پڙهندڙ کي اهڙو اظهار پنهنجي دل جي ويجهو محسوس ٿئي ٿو ٻين لفظن ۾ پڙهندڙ ان کي پنهنجو اظهار سمجهي ٿو اهو ئي سبب آهي جو سندس شاعري مقبوليت ماڻي آهي.



حوالا:

ارشد، عبدالحڪيم. (1997). ڏيئا ڏات جا. ڇاپو ٻيو. سڪرنڊ، سنڌ: مارئي اڪيڊمي
اياز شيخ. (1986). ڪپر ٿو ڪن ڪري .ٻيو ايڊيشن. ٽنڊو ولي محمد، سنڌ: نيو فيلڊس پبليڪيشن.
بخاري، استاد . (1990).لهر لهر دريا. ڇاپو پهريون. رتوديرو سنڌ: سنڌڙي پبليڪيشن.
بخاري، استاد. (1997). وطن ۽ ويساهه. ڪنڊيارو سنڌ: روشني پبليڪيشن.
جويو خاڪي. (2008). آسڻ جن اريج ۾. ڇاپو ٻيو.حيدرآباد، سنڌ: ساجاهه پبليڪيشن، 134_پٺائي ٽائون.
جويو خاڪي . (2018). ايءُ خاڪيءَ جو خيال. ڇاپو ٻيو. سڪرنڊ، سنڌ: مارئي اڪيڊمي.
جويو محسن. (2021). تر جي گٽي سنڌ، ڇاپو پهريون، ڊسمبر: ڪنول پبليڪيشن.
جوڻيجو منصور قادر. (2017). عالمي سياسي نظريا ۽ اصطلاح. ڇاپو پهريون، سکر، سنڌ: ماءِ پبليڪيشن.
جوزف استالن/ سي آغائيف اوگاسيان. (2012). .قوم، قوميت ۽ قومپرستي.ڇاپو پهريون، لاهور، حيدرآباد، ڪراچي. فڪشن هائوس.
سنڌي، سرڪش . (1993).پيار ۽ آزادي.ڇاپو پهريون. لاڙڪاڻو سنڌ: چانڊڪا پبليڪيشن.
مورائي، راشد. ديوان راشد، ڇاپو پهريون، حيدرآباد، سنڌ: سنڌي ساهت گهر.
مورائي، راشد . (2017). ڳاڙهي ٻاک ڦٽي. ڇاپو پهريون. ڪنڊيارو سنڌ: روشني پبليڪيشن.